# ڀڳوان گدواڻي

## کوجناتمڪ اِتهاس نويس



Bhagwan S. Gidwani
Former Additional Director General of Tourism,
Former Director General of Civil Aviation India,
Former Director ICAO (UN),
Author of ‘The Sword of Tipu Sultan’ and ‘Return of the Aryans’

تاريخ ۾ جاتيءَ سان واسطو رکندڙ انيڪ گھٽنائن جو
دستاويزي بيان هوندو آهي ۽ اُنھن بيانن ۾ جيڪي
شفي حاصلاتون هونديون آهن، اُهي اڳيان هلي جاتيءَ جي
ماڻھن ۾ اُتساه ۽ فخر جو اَحساس ڦوڪينديون آهن.

سنڌين جي تاريخ ۾ اهڙن ڪيترن ئي واقعات سان مالا مال
پئي رهي آهي؛ جنھن کي هڪ پيڙهيءَ کان ٻين پيڙهيءَ تائين
پهچائڻ لاءِ انيڪ مورخن قلم آرائي ڪئي آهي. ان صف ۾
انتهائي اهميت ڀري شخصيت آهي ڀڳو ان گدو اڏي، جنھن
پنھنجي کوجناتمڪ ڪتابن ۾ سنڌو ماتريءَ جي پراچين
سڀيتا جو انتهائي دلڪش بيان ڪيو آهي .

اچو تہ ملون ڀاءُ ڀڳو ان گدو اڏيءَ سان، جو سهيوگ فائونڊيشن
جي نينڊ تي پنھنجي عميق يوگدان جي سلسلي ۾ اَوارڊ
حاصل ڪرڻ لاءِ اسان وٽ خاص ڪئناڊا مان آيل آهي!

**جوَهراڻي:** **توهين هڪ ناميارِي ۽ آبرودار پريوار مان اَچو ٿا؛ جنهن ڀارت جي آزاديءَ واري سنگرام ۾ سرگرم ڀرو ورتو آهي. ڇا توهان جو شخصي طور پنهنجو ٻه ان ۾ ڪو خاص ڀرو ورتل آهي؟**

**گدواڻي:** جوَهراڻي ڀائي! مونکي ڏُک سان چوڻو ٿو پوي تہ آزاديءَ جي سنگرام ۾ منهنجو شخصي ڪوبہ ڀرو ورتل ڪونہ هئو، پر منهنجو پِتا صاحب، شيامداس گدواڻي 'هندو مها سڀا' جو پرڌان هو ۽ وير ساوَرڪر ۽ ڀائي پرمانند جو خاص صلاحڪار هو. منهنجو چاچو صاحب، چوئٿرام گدواڻي بہ اَسان جي پريوار مان هئو ۽ اَسان سان گڏ ئي رهندو هو. هوُ 'سنڌ ڪانگريس' جو پرڌان هئو. جڏهن ديش کي آزاديءَ سان گڏ ورهاڱي جي ذلت ملي تہ ٻيئي بيحد ڏُکي هئا. هنن محسوس ڪيو تہ ڀارتي اَڳوانن آڳو-پيڇو نہ ڳڻيندي، جلد ئي راڄ پنهنجن هٿن ۾ حاصل ڪرڻ پئي چاهيو، پوءِ ڀل ماتر ڀوميءَ جا ٽڪرا ٽڪرا ڪيا وڃن.

هُنن ضرور محسوس ڪيو هوندو تہ وقت ٻوڙندو ٿو وڃي ۽ سندن حياتيءَ جا ڏيئا بہ اُجهامڻ تي آهن. هوُ سنڌين ڏانهن بلڪل بيپرواهہ هئا تہ سنڌ ڀارت سان ٿئي يا نہ. نتيجا، لکين سنڌين کي پنهنجن اَبن ڏاڏن جا اَجها ۽ وطن هٿين خالي ڇڏڻو پيو. هو اَڻ ڄاتل ڀارتيہ زمين ڏانهن ايندي پناهگير ٿي پيا. هُنن اَمڙ جيجل جنم ڀومي سنڌ کي اَلوداع ڪئي.

سنڌ، هِندن ۽ آرين جو مکيہ نڪاڻو هو. سنڌ مان ئي تہ هِندوستان کي نالو مِليو 'هِندوستان'. اهو ئي تہ سنڌ ورثي جي تهذيب جو نام و نشان آهي. جنهن زمين تي ويد لکيا ويا؛ اُها زمين اڄ اَڪ ڇنبي ۾ ڇڏڻي پيئي.

اُن وقت مان ٽيهن سالن جو هوس ۽ ورهاڱي جي دردناڪ گهٽنا مونکي وڏيڪ اونهو سوچڻ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو. سوچيم، وڪالت پڙهڻ بيڪار آهي ۽ وقت جو زيان آهي . ان ڪري مان سنڌ جي اَصليت جي کوج ڪرڻ کي جنبي ويس تہ ڏسان تہ سنڌ جي تهذيب ۽ سڀيتا ڇا آهي! اُن ڀارت ماتا کي ڇا ڇا ڏنو آهي !

**جوَهراڻي:** **اَسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ اَسان جا اَڳوان اَهڙن زلزلي جهڙن ڏينهن ۾ اَسان کي صحيح راهنمائي ڏيڻ ۾ بلڪل ناڪامياب ويا. هوُ اَسان کي ٻوهي ۾ وجهي پاڻ پنهنجي لاءِ عهدا ۽ اِنعام اِڪرام حاصل ڪرڻ ۾ لڳي ويا. ڇا توهان اِن ڳالهہ سان سهمت آهيو؟**

**گدواڻي:** گهڻي حد تائين ها! هوُ سلامتيءَ سان عيش و آرام وارن محلن ۾ پهچي ويا. هنن آزاديءَ جي ميون-مليدن جو پورو پورو فائدو ورتو ۽ ٻئي پاسي اسان جي ايماندار ماڻهن جي دُرگتي ڏسو! جڏهن منهنجو چاچو صاحب، چوئٿرام گدواڻي پرلوڪ پڌاريو؛ تڏهن صرف اَسي رپيا ۽ هڪ پيتل واچ ڇڏي ويو! انهن ڏينهن ۾ راجنيتي لاپائتو پيشو ڪونہ هئو. مهاتما گانڌيءَ جي موت کانپوءِ ئي اهو پيشو فائديمند ٿيو آهي. اَسان جي اَڳوانن هتي پناه ڪونہ اَچي ورتي هئي، پر آزاد ڀارت ۾ ورهاڱي مان فائدا حاصل ڪيائون ۽ پنهنجن پوين لاءِ سنيون سهوليتون ميسر ڪرائيندي اَسان کي ڏتڙيل حالتن جي حوالي ڪري ويا. اها حقيقت آهي تہ هنن ستا جو زور سچو پاڻ وٽ رکڻ پئي چاهيو ۽ جيترو وڌيڪ ملي اوترو حاصل ڪرڻ پئي چاهيو.

**جوَهراڻي:** **توهان جو مطلب آهي تہ هنن اهي غلط فيصلا اِن ڪري پئي ڪنيا، جيئن ورهاڱي کان پوءِ راڄ ڪرڻ جي طاقت کين ملي؟**

**گدواڻي:** رام! انهن غلط فيصلا ان ڪري پئي ڪيا، جيئن کين راڄائي ملي! ورهاڱو هڪ وڏي ۾ وڏي بدنصيبي آهي. تڏهن تہ جواهرلعل نهروءَ نرلڄائيءَ سان آزاديءَ جي ڏينهن چيو، ”اِها ڀارت جي هوڻهار سان ملاقات آهي.“ مهاتما گانڌي آزاديءَ جي جشن ۾ ساڻس شامل ڪونہ ٿيو، ڇو جو کيس ڄاڻ هئي تہ ورهاڱي ڪري خون جون نديون وهنديون ۽ زلزلا ٿيندا. ان ڪري هن اُنهن بدنصيب ۽ لڏيندڙن جي وچ ۾ رهڻ پسند ڪيو؛ جن کي پنهنجا اَباڻا اَجها ڇڏڻا پئي پيا.

هندوستان ۾ روحاني ۽ آتمڪ شڪتي ڪٿي ڪيتري بہ هجي ۽ توهين ڏارين جي حملن کان پاڻ بچائڻ جي طاقت بہ رکندڙ

هجو؛ پر ڇا ڪري سگهندا! جڏهن پنهنجا ئي ماڻهو توهان جون ٽنگون ڪٽين! اُنهن لاءِ توهين ڇا ٿا چئي سگهو!

ورهاڱي اَسان کي ڇا ڏنو آهي! جيڪو سو وڏيڪ مصيبتون ئي مصيبتون سامهون آيون آهن!

ورهاڱي اَسان جو ڪو به مسئلو حل ڪونہ ڪيو آهي. صرف خون جون نديون ئي وهيون آهن ۽ ڌيان ۾ رکجو تہ خون جون نديون اَڃا بہ وهنديون؛ جو هڪ وڏي موتمار پل اَسين ڪري ويٺا آهيون!

**جوَهراڻي:** **اَسان کي سرڳ جهڙين سهوليتن جا انجام ڏنا ويا هئا. سَرَ سبز باغ ڏيکاريا ويا هئا ۽ ائين بہ چيو ويو تہ اَسان کي ساڳيا ٻين جاتين جهڙا حق ڏنا ويندا! پر جڏهن هِتي آياسون تہ اَسان کي پناهگير ڪري پيڳل ٽٽل فوجي بئرڪن ۾ اَجهو ڏنو ويو؛ جتي سوين ڪٽنب رهندا هئا. هڪ ئي ڪمري ۾ ٽن کان چئن پريوارن کي رهڻو پوندو هو. ڪاڏي لاءِ قطارون ٺاهڻيون پونديون هيون ۽ دوائن لاءِ راشن ڪارڊ حاصل ڪرڻا پوندا هئا. سڀ سپنا چور چور ٿي ويا! اَسين ٻي گهر ٿي وياسون! گدواڻي صاحب! توهان کي خود اِن جو آزمودو هوندو. اُن وقت توهان جي من ۾ ڪهڙا ويچار پيدا ٿيا؟**

**گدواڻي:** ها! اَسين خود اَهڙين عقوبتن جا اَکين ڏٺا شاهد آهيون! اِها ڏاڍي بدنصيبيءَ جي ڳالهہ آهي، جو اَسان جي سياسي اَڳوانن؛ پنڊت جواهرلعل نهرو ۽ سردار پٽيل سنڌين کي نصيحتون ۽ سمجهاڻيون ڏنيون تہ پنهنجا گهر نہ ڇڏجو! پر پاڪستان جي حقارت واري نوع اُتي فساد ڪرائي ڇڏيا؛ تنهن ڪري سنڌين لاءِ گهر ڇڏي هندوستان ڏانهن لڏپلاڻ ڪري اَچڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا بہ راهہ ڪونہ بچي هئي!

نام نهاد پاڪستاني اَڳوانن چيو تہ هو ڪجهہ نٿا ڪري سگهن؛ جو سنڌي ماڻهو سندن صلاحن کي نظراَنداز ڪري هِندوستان ڏانهن لڏپلاڻ ڪري رهيا آهن. خوش نصيبان جيرامداس دولترام ۽ آچاريہ ڪرپالاڻي، چوئٿرام گدواڻيءَ کي صلاح ڏني تہ سنڌ ڇڏيو ۽ سنڌين کي هندوستان لڏي وڃڻ ۾ مدد ڪريو؛ نہ تہ تہ

سڀ جا سڀ دين ڌرم جي فسادن ۾ تباه ٿي ويندا! اُتي سنڌين جي مدد ڪرڻ لاءِ ڪو بہ ڪونہ هئو!

**جوَهراڻي:** **سنڌي هندو صدين کان پنهنجن اَبن ڏاڏن جي بخشيل سهوليتن ۽ آرام وارن گهرن کي تلانجلي ڏيئي، هندوستان ڏانهن روانا ٿيا؛ ڇو جو سندن ڪٽنب پريوار ۽ عزت پڻ خطري ۾ اَچي ويئي هئي! اَسين جيڪڏهن گذريل پنجاه سالن جي عرصي تي نظرثاني ڪنداسين تہ ڏسڻ ۾ ايندو تہ اَسان جي بزرگن کي کهڙي نہ جهنم مان گذرڻو پيو هو! توهان جا ان باري ۾ کهڙا ويچار آهن؟**

**گدواڻي:** اَسان سان دوکيبازي ڪئي ويئي! جڏهن پروفيسر گهنشيام شيوداساڻي ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، مهاتما گانڌيءَ سان گڏيا ۽ سنڌين سان ٿيندڙ درگتيءَ جو اِظهار ڪيائون؛ تڏهن هن اعلان ڪيو تہ ''مان پاڻ سنڌي آهيان!'' اُن ڪانپوءِ ئي اَختياريءَ وارن سنڌين تي آيل مصيبتن ڏانهن ڌيان ڏنو! نہ تہ تہ سنڌي، هڪ دوزخ مان گذري رهيا هئا.

خير! جيڪو گذري ويو، سو گذري ويو! اَسان کي هاڻي ڏُک ڏوراپا نہ ڏيڻ گهرجن!

**جوَهراڻي:** **توهان کي ائين ڪونہ ٿو لڳي تہ اَسان جي رهبرن جاتيءَ کي صدقي ڪري پنهنجن شخصي‌مفاد جو سوچي ناجائز فائدا ورتا؟**

**گدواڻي:** ها! اَسان جي اَڳوانن بلڪل ناجائز فائدا ورتا! هوُ ڪنهن بہ حالت ۾ سنڌين لاءِ سهوليتون ميسر ڪرڻ لاءِ ناخواهان هئا! ههڙي غير دوستانہ ماحول ۾ زنده رهڻ ۽ ترقي ڪرڻ ۾ سنڌين کي پنهنجو ئي ٻوٿو ٻارڻ ۽ محنت ڪم آئي! ٿوري مدد گانڌيءَ ڪئي. مان گانڌي جيءَ جي جنم ڏينهن تي، سندس اَحسان مڃڻ ۽ شرڌانجلي ڏيڻ لاءِ هڪ موم بتي ٻاريندو آهيان. سچي هندوستان جي اونداهي سنڌي ماحول ۾ هوُئي هڪ روشنيءَ جو ترورو هئو.

**جوَهراڻي:** **اها صرف محنت ۽ جفاڪشي ئي هئي جنهن سنڌين کي ورِي اوج تي آندو آهي. اسان دنيا جي تاريخ ۾ هميشه نوان ۽ شاندار داستان پئي لکيا آهن. پر اَسين هندوستان ۾ اَچي گهڻو ڪجهه وڃائي چڪا آهيون. هن وقت سنڌي ٻولي نه پوري طرح ڳالهائي ٿي وڃي؛ نه پڙهي ٿي وڃي؛ نه ڪنهن سرڪاري دفتر يا گهرن ۾ اُن جو واهپو آهي.**

**ورهاڱي اَسان جي ٻوليءَ کي بيحد ڌرم پهچايو آهي ۽ ان ڪري اَسان جي ساهتيه تي به بُرو اَثر پيو آهي. اسين هن وقت اَهڙين حالتن تائين پهچي چڪا آهيون جو پنهنجن ٻارن کي ٻڌائڻو ٿو پوي ته اَسين سنڌي آهيون ۽ اَسان جي مادري ٻولي سنڌي آهي. انهن حالتن ۾ ولائت ۾ رهندڙ سنڌين جو ڪهڙو رد عمل آهي؟ ڪيتري حد تائين اَسان جي ٻارن کي سنڌي سڀيتا، ريتين رسمن ۽ ٻوليءَ لاءِ لڳاءُ آهي؟ ڇا اُهي سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن؟**

**گدواڻي:** توهين بلڪل درست ٿا چئو، ته سنڌي ٻولي ئي سنڌيت جو خون پسينو آهي ۽ ٻيا به توهان سان شامل راءِ ٿيندا؛ پر زميني حقيقت ڪهڙي آهي! اَسان جي ٻارن کي سنڌي ٻولي سکڻ لاءِ ڪي موقعا ئي نٿا ملن. هيئنر سخت مقابلي وارو زمانو اَچي ويو آهي. ماڻهو پنهنجي تمام هلچل واري زندگيءَ مان هڪ پل به وڃائي سنڌي ٻولي سکڻ لاءِ تيار ڪونه ٿيندو. پر مان توهان سان سوءُ ٽڪا شامل راءِ آهيان ته جي 'سنڌيت' زنده رکڻي آهي؛ سنڌي سڃاڻپ، سنڌي سڀيتا ۽ سنڌي لڳ لڳاءُ قائم رکڻا آهن؛ ته سنڌي ٻوليءَ جو زنده رهڻ لازمي آهي!

مان توهان کي يهودين جو مِثال ڏيندس. جڏهن ٻن هزار سالن کان پوءِ اِسرائيل وجود ۾ آيو، تڏهن هر يهودي پريوار جو اهو فرض ٿي پيو ته هرهڪ کي هيبرو ٻولي سکڻي آهي. نه ان خيال کان ته کين اسرائيل لڏي وڃڻو آهي، پر اهو ٻوليءَ ڏانهن هڪ لڳاءُ هئو! هيبرو ٻولي سيکاريندڙ ماستر راتون رات شاهوڪار ٿي پيا. اهو دنيا ۾ تمام فائدي وارو پيشو ٿي پيو. اَڄ توهين ڏسندا ته هر يهوديءَ

ڪي، پوءِ پيل هوُ يوروپ ۾ هجي يا آمريڪا؛ ڪيس هيبرو ايندي آهي.

**جوَهراٽي:** **توهان جي لکيل ڪتابن جي باري ۾ مان پوءِ ٿو پڇان. پهرين اهو ٻڌايو ته جڏهن سهيوگ فائونڊيشن جو اوارڊ توهان کي آڇيو ويو ته توهان جي من ۾ ڪهڙو ويچار آيو ۽ وينتي قبول ڪري خاص سيڙجي توهان هندوستان اَچڻ جو هوائي سفر ڪيو؟**

**گدواڻي:** مونکي دوستن جو تمام وڏو گهيرو آهي، جن مون سان سهيوگ فائونڊيشن لاءِ ساراهه جوڳو ڳالهايو! مونکي آمريڪا ۾ ئي ست اَٺ اِنعام مِلي چڪا آهن، پر مان ڪڏهن به ڪئناڊا کان ٻاهر انعام وٺڻ ڪونه ويو آهيان. توهين پڇندا ته ڇو؟ ڇاڪاڻ ته سفر ڪرڻ ڇڱو مهانگو ۽ ٿڪائيندڙ ٿيندو آهي ۽ ساڳئي وقت ڪم کان به پري ٿو ٿِجي. پر جڏهن سهيوگ فائونڊيشن انعام لاءِ مونکي نيند ڏني ته من ئي من ۾ پڪو فيصلو ڪيم ته هيءُ اِنعام وٺڻ لاءِ مان پاڻ هندوستان ويندس. ڇاڪاڻ ته سهيوگ فائونڊيشن لاءِ مون کي خاص عزت آهي. هيءَ ڪا سياسي سنسٿا ڪانه آهي. هيءَ سپيتا، تهذيب ۽ ساهتيه سان واسطو رکندڙ سنسٿا آهي. خوش قسمتيءَ سان مان سهيوگ فائونڊيشن جي ٻين اِنعام حاصل ڪندڙن سان به مڪاميلو ڪري سگهيس. ان ڪري پاڻ اَچڻ سَڪيارٿو ٿيو!

**جوَهراٽي:** **ست سمنڊ پار ڪري اَچڻ لاءِ مان توهان جو شڪرگذار آهيان!**

**گدواڻي:** مونکي اَچڻو ضرور هو! ان ڪري مون توهان کان فون ڪري پڇڻ چاهيو ته تاريخون منهنجي سهوليتن واريون آهن يا نه ۽ جڏهن توهان منظوري ڏني، تڏهن جلد ئي سفر جي تياري ڪيم. مون کي بيحد خوشي ٿي، جڏهن هِتي پهتس ۽ توهان سيني سان مليس!

**جوَهراٽي:** **منهنجي ڄاڻ موجب توهان جو پهريون ڪتاب 'ٽيپو سلطان' آهي. تاريخ ۾ ٻيا ڪيترا ئي اهم شخص آهن؛ پوءِ توهان ٽيپو سلطان کي ڪيئن پسند ڪيو؟**

**گدواڻي:** ١٩٤٧ع کان ئي منهنجي من ۾ هلچل هئي تہ ڀارتيہ سيتا تي لکان. ڀارت وجود ۾ ڪيئن آيو ۽ هِندوتوَ جون جڙون اَٺ هزار سالن کان ڀارت ۾ ڪيئن مضبوط ٿيون. ان ڇورا ڪورا ڪري مون کي تاريخ جو اَڀياس ڪرڻو پيو ۽ جڏهن ٽيپو سلطان جي عرصي تائين پهتس تہ عجب ڪاڌم تہ ڇو اَنگريزن چاهي هندوستاني تاريخ نويسن ٽيپوُ سلطان کي حد کان وڌيڪ لويو آهي. هوُ ئي واحد شخص هو، جنهن اَنگريزن سان ٻارهن لڙايون لڙيون. هن ڪيترائي فوجي گرفتار ڪيا، جن ۾ هڪ جنرل بہ هئو. هن ڪڏهن بہ اَنگريزن کي ساٿ ڪونہ ڏنو. جڏهن تہ نِظام ۽ مرهٽن اَنگريزن کي ساٿ ڏيئي، هندوستانين سان لڙايون لڙيون. هن جو مکيہ وزير هندو برهمڻ هئو، جنهن جو نالو هو پورنيا؛ سندس وزيرن جي مجلس ۾ ڇوويهن مان ڇوڏهن تہ هندو هئا. اَٺتيهہ مهندارن مان اَٺاويهہ مهندار هندو هئا. ماڻهو ڪيس گهٽ وڌ ڇو ڳالهائيندا آهن! هن جي محل ۾ هڪڙو مندر بہ هئو ۽ هن ڪيترن هندن کي جاگيرون انعام طور ڏنيون هيون؛ پوءِ بہ ڪيس ڏاڙيل ڇو ڪوٺيو وڃي! ڪي تہ اهي بہ اِلزام هڻندا آهن تہ هوُ هندن کي زوريءَ مسلمان ڪندو هو، جيڪا ڳالهہ بلڪل غلط هئي؛ سندس ڪجهہ مهندار اُن لاءِ جوابدار هئا! پر هوُ پاڻ تہ تمام عزتدار ۽ مهان شخص هو. اَنگريز ڇو سندس ڪٽر دُشمن ٿي بيٺا هئا! هيءُ ئي اڪيلو شخص هو، جنهن اَنگريزن سان ڪيتريون لڙايون لڙيون!

**جوَهراڻي:** **اهو ڪتاب ڪيتري قدر ڪامياب ويو؟**

**گدواڻي:** اهو ڪتاب بيحد ڪامياب ويو! اَڍائي هزار ڪاپيون تہ صرف هندوستان ۾ وڪامي ويون ۽ هندوستان کان ٻاهر پنجاسي هزار ڪاپيون وڪاميون. تنهن کان پوءِ ٽي.وي.ءَ تي سيريل ڪري ٺاهي ڏيکاريو ويو؛ جنهنجي دستخط اِسڪرين پلي ۽ گفتگو مون لکيا ۽ سنجيہ خان اُن کي پيش ڪيو هو.

**جوَهراڻي:** **توهان جو ٻيون ڪتاب هئو ’عمر خيام‘. اُن جي نالي مان ئي پيار جو نشو ۽ خمار چڙهي ٿو وڃي؛ جڏهن تہ اَڳيون ڪتاب بلڪل خشڪ هئو. اها سوچ ويچار جي لهرن جي بدل سدل ڪيئن**

**ٿي ويئي؟**

**گدواڻي:** هر ڪنهن کي وندر ورونهن لاءِ ڦير ڦار کپي! هر ڪنهن جي دل تہ پيار سان ڀري پيئي آهي. ماڻهن عمر خيام کي بلڪل غلط اَنداز ۾ ڪنيو آهي. هن هميشہ مئہ، مستورات ۽ موسيقيءَ لاءِ پئي ڳالهايو آهي. زندگيءَ جي تلخ حقيقتن کان نجات پائڻ لاءِ مدِرا، اِستري ۽ سنگيت جي ضرورت پوندي آهي. هن کي خود پنهنجي زندگيءَ جي مقصد جي خبر ڪانہ پئي پيئي. هوُهڪ صوفي سنت هو؛ پر هن اَهڙو نپو پاڻ تي هٽائڻ ڪونہ ڏنو! هن جو رب سان بيحد ناراضپو هو؛ سندس سچي شاعري، جي عام ماڻهن تائين پهچي ها؛ تہ مسلم مُلڪ هن کي مارائي ڇڏين ها!

**جوَهراڻي: ڇا عمر خيام ايترو حد درجي جو باغي هو؟**

**گدواڻي:** ها! حد درجي جو باغي هو! بلڪ اُن کان بہ وڌيڪ! خدا لاءِ اِجهو هيئن ٿو چوي:

”سيني گناهن لاءِ تو، اِنسان جو منهن ڪارو ڪيو آهي؛
اِنسانن ۾ تہ معافيون ڏنيون ۽ ورتيون وينديون آهن؛
پر اي مالڪ! توکي بہ معافين جي سخت ضرورت آهي!
جو سيني گناهن لاءِ تو صرف اِنسان جو منهن ڪارو ڪيو آهي.“

**جوَهراڻي: سو عمر خيام جي فيلسوفيءَ جو توهان جي دل تي گهرو اَثر آهي. پر اَچو تہ توهان جي اُن شاهڪار ڪتاب تي اَچون؛ جنهن سچي دنيا ۾ ٿرٿلو پيدا ڪري ڇڏيو! جنهن لاءِ توهان کي صديون پنيان وڃي سچ جي کوج ڪرڻي پيئي ۽ توهان اُن کي ’رٽرن آف آرينس‘ (Return of the Aryans) جي نالي سان پيش ڪيو. ان کوجنا تمڪ ڪم تي توهان گهڻو وقت لڳايو؟**

**گدواڻي:** جيڪڏهن صرف وقت جو ئي اَندازو لڳائڻو آهي تہ جڏهن کان ڪم شروع ڪيم، تڏهن کان پريا اَرڙهن سال لڳي ويا. پر مان 1947ع کان ان وشيہ تي سوچيندو پئي رهيو آهيان. اُن کي ڏيان ۾ آڻيندا سون تہ ان ڪتاب جي تخليق کي چاليهہ پنجاهہ سال لڳي ويا. مون ان لاءِ لنبا چوڙا سفر ڪيا. اِٽوپيا، رشيا، ايران، فنلينڊ ۽

جرمني وغيره ڏانهن مون سفر ڪيو ۽ ڪيترائي گيت ڪنا ڪيا ۽ پوءِ اُنهن کي سلسليوار ڪيم. ان ۾ چڱو ئي وقت لڳو. ٿوري ۾ چوان ته ان ڪتاب لاءِ مواد ڪٺو ڪرڻ ، اَنواد ڪرڻ ۽ تصويرون تيار ڪرڻ ۾ مونکي اَرڙهن سال لڳي ويا.

**جوَهراٽي:** **توهان کي محسوس ٿئي ٿو ته توهان دنيا اَڳيان واد وواد کان آجيون ڪجهه اهم حقيقتون پيش ڪيون آهن؟**

**گدواٽي:** اِهو مان چئي نٿو سگهان! چو جو اَجا تائين ڪيترائي منهنجي ويچار ڌارا سان سهمت ڪونه آهن! منهنجو بنيادي ويچار آهي ته ’آرينس‘ هِندو هئا. هنن جنم ورتو، وڏا ٿيا ۽ مئا به هِندو ئي رهندي! هوُآد جڳاد کان سناتن ڌرم سان ئي جڙيل هئا!

**جوَهراٽي:** **اڪثر اهو ڏٺو ويو آهي ته جيون ۾ گهڻو ڪجهه ملڻ کان پوءِ ماڻهو جڏهن دنيوي پدارٿن کان ڊاپجي ترپت ٿي ويندو آهي، تڏهن سندس لاڙو ايشوَر ڏانهن ٿيندو آهي. هينئر توهين به گوتم ٻڌ جي جيون جي کوج ۾ لڳي ويا آهيو! ان ڏس ۾ توهان کي ڪيتري حاصلات ٿي آهي؟**

**گدواٽي:** مان گوتم ٻڌ تي لکڻ وارو پهريون شخص ڪونه آهيان! ڪيترن ٻين به هن جي جيون تي ڪتاب لکيا آهن. هن جي جيون جي هڪ خاص ڳالهه جيڪا مون کي ڇُهي ٿي، سا اِها آهي ته هوُ هڪ مهان هندو هو. هوُ هندو اوتار هئو، جيتوڻيڪ ڪيترن جو چوڻ آهي ته هن پنهنجو جُدا ڌرم برپا ڪيو! هن جي ويچارڌارا هئي:

”ڏس نه، مان تنهنجي ئي ٻڌايل
راه تي هلي رهيو آهيان،
هِتي مون سهڻا تازا گل
به حاصل ڪيا آهن،
هِتي مون سهڻا تازا ويچار
به حاصل ڪيا آهن.“

هِندوتوَ مت،عقيدو ڪونه آهي. هوُ ته توهان کي آزاد ڇڏي ٿو ڏئي

تہ پاڻ سوچيو ۽ نوَن ويچارن سان اَڳيان اَچو ۽ پنهنجي مرضيءَ موجب قدم کڻو ۽ اِهو ئي گوتم ٻڌ پاڻ بہ محسوس ڪيو. هن محسوس ڪيو تہ هِندوُتوَ ڪيس هر موقعو، اوسر ميسر ڪري ڏنو آهي جو ٻيو ڪجهہ اُن ڪان وڌيڪ برپا ڪرڻ نٿو چاهي. پر اهي سندس پوئلڳ هئا، جن سندس ديهہ ڇڏڻ ڪانپوءِ نئون ڏرم شروع ڪيو!

**جوَهراڻي:** **اها تمام سُٺي ڳالهہ آهي، جو توهان الڳ الڳ وشين تي تاريخ ڪان ڏرم تائين لکي رهيا آهيو! اَسين دلي طور توهان جي حاضريءَ لاءِ شڪرگذار آهيون!**

**گدواڻي:** توهان جي مهرباني!